ناٽڪ - ٢

# ڏهن سِسِين وارو رانوڻ



ڪردار :

| | | | |
|---|---|---|---|
| (١) | سونو | : | ١١ سالن جو ننڍو ٻار |
| (٢) | ميران | : | سونوءَ جي ماءُ |
| (٣) | ديال | : | سونوءَ جو پيءُ |
| (٤) | بابا | : | سونوءَ جو ڏاڏو |
| (٥) | رام | : | سونوءَ جو دوست |
| (٦) | نارائڻ | : | سونوءَ جو دوست |
| (٧) | گوپال | : | سونوءَ جو دوست |

(پڙدو کلندي، هڪ ڪمري جو درشيہ نظر اَچي ٿو. پاسي کان پلنگہ رکيل آهي- وچ تي هڪ صوفا سيٽ ۽ ٽپائي رکيل آهي، پلنگہ تي هڪ ١٠-١١ سالن جو ٻار سونو سمهيل آهي.)

ميران : (اَندران ڪمري مان ايندي، وڏي آواز ۾) سونو....! پٽڙا سونو....! اُٿ پٽ....! (پرسان اچي) بابل جلدي اُٿ، صبح جو نوَ تي چڪا آهن، اَجا سمهيو پيو آهين؟ سونو....!

سونو : (ننڊ ۾ پاسو ورائيندي) اون....

ميران : اُٿ پٽ.... اَجا ڪيترو سمهندين....؟

سونو : (نخرا ڪندي) اون.... ممي.... ٿوري دير سمهڻ ڏي نہ....

ديال : (سونوءَ جو پيءُ ديالداس- اَندران رڙ ڪندي) اَڙي ميران.... سونو اَجا نہ اُٿيو آ؟

ميران : (وڏي آواز ۾) ها.... ها.... بس اُٿيو آهي....

ديال : (اَندران ئي) اَڙي، صبح جا نوَ ٿي ويا آهن، اَجا هاڻي ٿو اُٿي؟

ميران : نہ.... نہ.... ڪڏهوڪو اُٿي چڪو آهي.... (پٽ ڏانهن منهن ڪري) سونو.... اُٿ جلدي....

ديال : ڏسان تہ سهين.... سمهيو پيو آهي يا.... (اندران اَچي ٿو)

ميران : اَڙي نياڳا جلد اُٿ، پٿهين اَندر ٿو اَچي.... سونو.... اُٿ.... نہ تہ مونکي ڳالهائيندو....

سونو : ممي.... پليز.... سمهڻ ڏي نہ....

ديال : (ڪمري ۾ اَندر گهڙندي) ڇا چيئہ....؟ سونو اُٿي ويو آهي؟ (غصي ۾) تہ باقي، هي ڪير ڪنيڪرڻ سمهيو پيو آهي؟

ميران : اُٿيو تہ آهي نہ.... پر اِئين ئي.... مڙئي نخرا پيو ڪري....

ديال : ڏس ميران.... تون سونوءَ جي ڪري مونسان ڪوڙ نہ ڳالهاءِ.

ميران : (خفي ٿي) تہ ڇڱو.... توهان ئي ڪٽي اُٿاريوس.... مونسان تہ اُٿي ئي ڪونہ ٿو.... (اندر هلي وڃي ٿي)

ديال : (سونوءَ کي ٿورو وڏي آواز ۾) اَڙي سونو.... اُٿين ٿو؟.... ڪِنَ هٽئہ چمات....

سونو : اون....

ديال : (زور سان ڌونڌاڙي اُٿاريس ٿو ۽ غصي ۾) هيڏا سارا.... ايترو دير تائين سمهيو پيو آهين؟ نالائق.... ماٺهين تنهنجي ڪري مونسان ڪوڙ ڳالهائي.... ۽ اَجا تون سمهيو پيو آهين؟.... اُٿ....

(سونوءَ جي روئڻ جو آواز)

سونو : اون.... اون.... اون.... پپا ماريو.... اون.... پپا مونکي ماريو.... اون.... (ميران اندران تڪڙو اَچي ٿي)

ميران : اِئين ٻار کي ماربو آهي ڇا؟ پيار سان اُٿاريوس نہ....؟

ديال : پيار سان!؟ اَڙي پيار سان اُٿي ها، تہ هيئن مار کائي هان؟ موڪل جو ڏينهن ڇا ٿو اَچي، تہ ڪنيڪرڻ واري ننڊ ٿو ڪري (سونوءَ جو روئڻ چالو ئي آهي)

ميران : توهان ڇڏيوس.... مان پاڻيهي اُٿاريانس ٿي.

ديال : ڇڏيانس وري ڇا؟ اِهو مارکائيندو تڏهن ئي سڌرندو. (سونو اَجا زور سان روئي ٿو)

بابا : (سونوءَ جو ڏاڏو- اندر ايني) اَڙي ياڻي، صبح ساڻ وري جهڳڙو ڇا جو آهي؟

ديال : اِهو.... سونو.... ڪنيڪرڻ....

ميران : (اَڌ ۾ ڪٽيندي) ڏسو نہ بابا.... سونوءَ کي اَڄ، اِسڪول جي موڪل آهي.... ٿورو دير سان اُٿيو تہ ڇا ٿي پيو؟

ديال : (غصي ۾) ڇا ٿي پيو!؟

ميران : ها.... هونءَ تہ روز سويل ئي اُٿندو آهي نہ؟

بابا : اَڇا-اَڇا- توهان ٻئي جهڳڙو بند ڪريو. اَجايو پيا ٿا غصو ڪريو. وڃو، وڃي پنهنجي-پنهنجي ڪم کي لڳو. مان ٿو سونوءَ کي اُٿاريان. (ٻئي هڪ ٻئي کي غصي ۾ ڏسندا وڃن ٿا. ميران رنڌڻي واري دروازي ۾، تہ ديال ٻئي ڪمري ۾....)

سونو : (روئندي، بابا کي دانهن ڏئي ٿو) اون.... بابا.... ڏسو نہ پپا مونکي ماريو.

بابا : هان.... منهنجي لاڏلي کي پپا ماريو.... نہ-نہ.... شانت.... چپ ڪر پٽ.... چپ ڪر....

سونو : (شانت ٿي وڃي ٿو) بابا اَڄ موڪل آهي نہ....

بابا : ها پٽ! اَڄ دسهڙو آهي، اَڄ سڀ اِسڪول بند آهن.

سونو : بابا، اَڄ رانوڻ کي جلائيندا؟ (پڇي ٿو)

بابا : ها پٽ، اَڄ رانوڻ کي جلايو ويندو.... پر پهريون تون ٻڌاءِ، تہ منهنجو سنو پٽ آهين نہ؟

سونو : ها بابا....

بابا : تہ منهنجو چيو مڃيندين؟

سونو : (جلد پلنگہ تان جمپ ڏيئي اُٿي ٿو) ها بابا!

بابا : تہ پوءِ جلدي اُٿ، آلس ڇڏ ۽ جلدي تيار ٿي اَچي ڏيکار مونکي....

سونو : ها بابا.... مان اِجهو تيار ٿي ٿو اَچان.... (ڀڪندو باٿروم طرف وڃي ٿو)

ميران : (رنڌڻي مان چانهہ جا ڪوپ ڪٽي ايندي) ٻارن کي پرچائڻ ۽ سمجهائڻ تہ ڪو توهان کان سکي.... ڪِنَ.... هنن وانگر.... سڄو ڏينهن نڪ تي غصو....

ديال : (ڪمري مان ٻاهر ايندي) ڇا چيئہ سياڳي؟ ڇا.... مان سڄو ڏينهن غصو ڪندو آهيان....؟ ۽ هيءُ تنهنجو نالائق پٽ، جيڪو صبوح جو نوين

بجي بہ اُٿڻ جي نٽو ڪري....

بابا : (ڳالهہ وچ ۾ ڪٽيندي) وري شروع ٿي ويو توهان جو مهاڀارت....

ديال : بابا ڏسو.... ميران ڪيئن ٿي ڳالهائي....

ميران : مون ڳالهايو!؟ ڪن توهان ٻار کي صبح ساڻ ماريو ۽ روئاريو....

بابا : بس.... هاڻ شانتي ڪريو ۽ اَچو، پريم سان اَچي گرم گرم چانهہ پيئو....

(سڀ صوفا تي ويهن ٿا ۽ ميران کين چانهہ ڏئي ٿي)

ميران : ونو بابا.... ناشتو ڇا کائيندءُ؟.... ٻڌايو تہ مان اُن موجب تيار ڪريان.... (سونو تيار ٿي اَچي ٿو اندر ڪمري ۾)

بابا : اِجهو سونو بہ تيار ٿي اَچي ويو....

سونو : بابا.... مان تيار ٿي ويس....

بابا : ڏس پٽ.... هاڻي ڪيترو نہ سٺو ٿو لڳين!

ديال : (ٿورو غصي ۾) توهان هن کي بس، پيار ڏيئي خارجوس.... پر هيءُ.... ڪڏهن بہ نہ سڌرندو....

سونو : پر پپا! مون ڪيو ڇا؟....

بابا : سونو....! سامهون جواب نہ ڏبو آ....

سونو : پر بابا....

بابا : (وچ ۾ ڪٽيندي) چيم نہ.... بس.... شانت رهہ.... ديال! اَچ هت ويهہ....

(ديال بابا جي پاسي ۾ اَچي وهي ٿو)

ديال : جي بابا!

بابا : (ميران کي) ميران! تون اَسان لاءِ نيرن تيار ڪر.... اَڄ اسان سڀ گڏجي کائينداسين....

ميران : جي بابا.... (ٽپائيءَ تان چانهہ وارا ڪوپ کڻي اندر وڃي ٿي)

سونو : بابا.... مان نيرن ڪونہ کائيندس....

بابا : (پيار سان) ڇو ڪونہ کائيندين پائي!؟

سونو : بابا! اَڄ اَسان سڀ دوست گڏجي، مرچومل جو دال پڪوان کائڻ ويندا سين....

ديال : ڇا چيئہ؟ نيرن ڪونہ کائيندين ۽ دوستن سان، ٻاهريون ناشتو کائيندين....؟

بابا : ديال! تون شانت رهہ. ٻارن سان هر ڳالهہ ۾، غصي ۾ نہ ڳالهائجي.

سونو : بابا.... پليز....!

بابا : اَڇا.... چڱو پلا ٻڌاءِ، تہ تنهنجا دوست آهن ڪٿي؟

سونو : اِجهو آيا بابا! اَڄ اَسان کي ”دسهڙي“ جي موڪل آهي نہ، تہ اَسان نڪي ڪيوسين، تہ گڏجي صبح جو ناشتو بہ ڪنداسين ۽ شام جو ”رانوڻ“ جو جلڻ ٿيندو اِهو بہ گڏجي ڏسڻ ويندا سين.

بابا : واهہ-واهہ! پائي اِها ڳالهہ تہ توهان جي مونکي ڏاڍي وڻي.

(ٻاهر دروازي جي گهنٽي وڄي ٿي)

سونو : بابا!.... لڳي ٿو، منهنجا دوست اَچي ويا. مان وڃي ٿو دروازو کوليان.

ديال : ڪائي ضرورت ڪونهي.... (غصي ۾) مان ٿو وڃين کين واپس موڪليان.

بابا : ديال.... تون هتي ويهہ. ڪوئي نہ ويندو. (رڙ ڪري) ميران.... او ميران.... ڏس تہ در تي ڪير آهي؟

ميران : (اندران ايندي) ها بابا.... ڏسان ٿي....

(ميران وڃي ٿي ۽ دروازو کولي ٿي.)

ميران : سونو.... تنهنجا دوست آيا آهن.

سونو : بابا!.... مان وڃان؟

بابا : سونو! ڇا تون پنهنجن دوستن کي مونسان نہ ملائيندين؟

سونو : ها بابا!.... ڇو ڪين....

بابا : تہ پوءِ.... وني اَچ سين کي اَندر.

سونو : جي بابا.... هاڻي ئي ٿو وني اَچان.... (وڃي ٿو)

ديال : بابا، توهان سونوءَ کي ڏاڍو مٿي تي چاڙهي ڇڏيو آهي. هر ڳالهہ جي ڇوٽ! اِئين نهي ٿو وري!؟

بابا : ديال! شانت ٿيءُ ٻار کي مار سان نہ.... پر پيار سان سڌاربو آهي.

ديال : ها.... تہ.... هيئن پيار ٿيندو آهي؟ صبح جو بہ دير سان اُٿي.... ڪجهہ نہ چئوس، گهر ۾ ناشتو تيار هجي تہ بہ ٻاهر جو کائي....

بابا : (اَڌ ۾ ڪٽيندي) پٽ، تون ڏس ويهي. سونو اَسان جو سٺو ٻار آهي. ڏسج! ٻاهر ناشتو کائڻ نہ ويندو ۽ اَڄ کانپوءِ روز صبح جو سويل پڻ اُٿندو.

(ٻارن جو آواز، ٽي چار ٻار گڏجي اَندر اَچن ٿا)

سڀ ٻار گڏجي : نمستي بابا.... نمستي اَنڪل....

بابا : اَچو، اَچو.... ٻارو اَچو.... هت ويهو.

سڀ ٻار: ٿئنڪ يوُ بابا!

بابا : پٽ سونو! سڀني جي سڃاڻپ تہ ڪرائي نہ!

سونو : جي بابا. بابا هي رام آهي، هي آهي نارائڻ ۽ هيءُ گوپال....!

بابا : اَڙي واهه! رام.... نارائڻ.... گوپال! توهان تہ سڀ ڀڳوان اَچي ڪنا ٿيا آهيو! (سڀ ٽهڪ ڏين ٿا)

رام : ها بابا! اَڄ اسان سڀ ملي راوڻ کي ماريندا سين.... (وري سڀ ٽهڪ ڏين ٿا)

نارائڻ : بابا! مان تہ اُن جون ڏهہ ئي سِسِيون ڪٽي ڦٽي ڪندومانس.

رام : اَڙي.... رام مان آهيان.... راوڻ کي تہ مان ماريندس....

نارائڻ : اَڙي هل.... وڏو آيو آ راوڻ کي مارڻ وارو.... طاقت اَٿيئي؟.... لڳو پيو آهي ونگيءَ وانگر ڏٻرو، چئي ٿو، راوڻ کي ماريندس.... (سڀ کلن ٿا)

رام : ماري ڏيکاريئين تہ!؟

نارائڻ : پهرين مونسان تہ پڄ!

بابا : (وچ ۾ ڪٽيندي) اَڙي، ٻارو! ڏسو....توهان هيئن پنهنجو پاڻ ۾ ئي وڙهندوَ تہ ڇا توهان راوڻ کي ماري سگهندا؟

گوپال : نہ بابا.... بلڪل نہ....

بابا : چڱو ڀلا.... مان توهان کان ڪجهہ سوال ٿو پڇان، جواب ڏيندا؟

سڀ ٻار: ها بابا، ڀلي پڇو.

بابا : سونو.... پهريون تون ٻڌاءِ، تہ رام ڪير هو؟

سونو : بابا! رام تہ ڀڳوان هو! هو راجا دشرت جو پٽ هو ۽ سيتا جو پتي هو.

بابا : بلڪل صحيح جواب. رام، تون ٻڌاءِ، تہ راوڻ ڪير هو؟

رام : بابا! راوڻ، لنڪا جو ظلمي راجا هو. جيڪو ڀڳوان رام جي پتني سيتا کي زبردستيءَ کڻي ڀڄائي ويو.

بابا : بلڪل صحيح. چڱو، ڀلا گوپال تون ٻڌاءِ، تہ توکي رام وڻندو آهي يا راوڻ؟

گوپال : بابا، اِهو بہ ڪو پڇڻ جو سوال آهي؟ سڄيءَ دنيا کي تہ رام ئي وڻندو آهي ۽ راوڻ کي تہ سڀ ماڻهو، ڌڪار جي نظرن سان ڏسندا آهن. اِن ڪري تہ اَچوڪي ”دسهڙي“ جي ڏينهن تي سڀ ماڻهو، راوڻ جا پتلا ناهي، اُن جي اَندر بم-ڦٽاڪا وجهي جلائيندا آهن.... سيئي چئو (وڏي واڪي سان رڙ ڪري ٿو) ڀڳوان شري رام جي....

سڀ ٻار: جئہ....

بابا : واهه! گوپال واهه! ڀلا نارائڻ، تون ٻڌاءِ، تہ راوڻ ۾ ڪهڙا-ڪهڙا اَوگڻ هئا؟

نارائڻ : راوڻ ۾ اَوگڻ!؟ بابا.... ڏاڍا اَوگڻ هئس....

سونو : (وچ ۾ کلي ڪري، مذاق اُڏائيندي) پر ٻڌاءِ نہ.... ڪهڙا ڪهڙا....؟

نارائڻ : راوڻ وڏو ظلمي هو، هن کي ڏاڍو ڪروڌ-غصو هئس. هن رام ڀڳوان جي پتني سيتا کي ڀڄايو، يعني هن جي پراِستريءَ تي بري نظر هئي، هن کي پنهنجو پاڻ تي ڏاڍو گهمنڊ هو. هوُ صرف پنهنجو پاڻ کي ئي شڪتيشالي سمجهندو هو!

بابا : واهه! نارائڻ واهه! سچ پچ راوڻ ۾ اِهي تمام خراب ڳالهيون هيون. ڀلا سونو! توکي خبر آهي، تہ اُن جو هڪ ڀاءُ هئو، جيڪو....

سونو : (وچ ۾ ئي ڪٽيندي) ڪنڀڪرڻ.... بابا.... ڪنڀڪرڻ.... جيڪو صرف ننڊون ئي ننڊون ڪندو هو.

بابا : ها! بلڪل برابر، ڇا توهان کي ڪنڀڪرڻ يا ڪنڀڪرڻ جهڙو ماڻهو وڻندو آهي؟

سڀ ٻار: نہ بابا.... بلڪل نہ....

رام : ننڊون ڪرڻ سان، تہ ماڻهو آلسي ٿي پوندو آهي ۽ ڪڏهن بہ ترقي نہ ڪري سگهندو آهي.

گوپال : آيل مان-مرتبو بہ اُن جو واپس هليو ويندو آهي.

بابا : بلڪل صحيح. تہ مونکي ٻڌايو، توهان مان ڪنڀڪرڻ ڪير آهي؟

(سڀ چپ ٿي وڃن ٿا)

(ٿوري دير بعد)

بابا : ٻڌايو، ڪنهن کي صبح جو دير تائين سمهڻ وڻندو آهي؟

رام : بابا، هي نارائڻ سڄو ڏينهن سمهندو رهندو آهي.

نارائڻ : اَڙي هل.... ڇڻ تہ پاڻ ننڊ ئي نہ ڪندو آهي؟ هاڻي بہ بابا.... سمهيو ئي پيو هو.... اَسان ئي ڪيس ننڊ مان اُٿاري آياسين.

بابا : پهريون تہ پاڻ ۾ وڙهڻ ۽ جهڳڙا ڪرڻ ڇڏي ڏيو. نيڪ آهي؟.... هاڻ تائين جيڪو ٿيو سو ٿيو. اَڄ سڀ پرڻ ڪيو تہ، ”اَڄ کان اَسان روز سويل اُٿنداسين ۽ پڙهائيءَ ۾ من لڳائينداسين.“

سڀ ٻار: ”اَڄ کان اَسان سڀ، روز سويل اُٿنداسين ۽ پڙهائيءَ ۾ من لڳائينداسين.“

بابا : شاباس!.... شاباس!

ميران : (اَندران رڙ ڪندي) ناشتو تيار آهي.... سڀ اَچو....

بابا : اُٿو ٻارو، هلو تہ سڀ گڏجي ناشتو ڪريون.

نارائڻ : پر بابا....

بابا : ها پٽ.... هلو.... تہ سڀ گڏجي دال پڪوان کائون....

سونو۽رام: دال پڪوان!؟.... يس....

بابا : ها.... دال پڪوان.... توهان جي من جي اِڇا پوري ڪرڻ لاءِ، مون ئي ميران کي چيو، تہ اَڄ ٻارن لاءِ دال پڪوان ناهي وٺ.

سونو : بابا.... ٿئنڪ يوُ....

Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad-382340. India. Tele. (079)22805454



بابا : ها ٻارو، جيترو تي سگهي، ڪڏهن بہ ٻاهريون ناشتو نہ ڪائجي. گهر جو نهيل، صاف-سٿرو ڪاڌو ئي ڪائجي. سمجهيوَ؟

سڀ ٻار: ها بابا.... (گڏجي سڀ اُٿن ٿا ۽ ٽيبل تي رکيل ناشتو ڪائن ٿا ۽ ڳالهيون بہ ڪن ٿا)

بابا : ٻارو، اَڄ مان توهان کي راوڻ جي جلائڻ جو ڪارڻ ٻڌايان ٿو.

سونو : پر بابا! اُهو تہ نارائڻ ٻڌائي چڪو آهي.

بابا : برابر.... نارائڻ ٻڌايو، پر اُن ۾ هڪ اونهو مطلب سمايل آهي.

رام : ڪهڙو مطلب، بابا....؟

بابا : راوڻ هڪ راڪشس هو ۽ اَهڙو ئي راڪشس، اَسان سيني جي اندر ۾ وينو آهي.

نارائڻ : ڇا....؟ راوڻ، اَسان جي اندر ۾....؟

بابا : ها، ڏسو ڪجهہ دير اَڳہ ئي تہ توهان پاڻ ۾ وڙهو پيا.... وڙهو پيا ڪن نہ؟

گوپال : ها بابا.

بابا : حقيقت ۾ اُهو، اَسان جي اندر ۾ وينل راڪشس پيو وڙهي.

رام : بابا، پوءِ اَسان کي اِن راڪشس کان ڪيئن ڇوٽڪارو ملندو؟

بابا : اِهو ئي تہ مطلب آهي، ”دسهڙو“ ملهائڻ جو.

سونو : اِهو وري ڪيئن بابا؟

بابا : اَڄوڪي ڏينهن تي، ڀڳوان رام جي راوڻ مٿان جيت ٿي. ڀڳوان، راوڻ کي ماريو؛ ڏهن سِسين واري راوڻ کي.... توهان ٻڌايو.... ڏهن سِسين وارو ماڻهو توهان ڪڏهن ڏٺو آهي؟

سڀ ٻار : نہ بابا !

بابا : ٻارو، رام آهن اَسانجا گڻ، اَسان جو وويڪ، جيڪو سدائين سچ ڳالهائيندو آهي. ۽ راوڻ آهي، اَسان جي اندر ۾ وينل راڪشس، جيڪو اَسان کي غلط راهہ تي هلڻ لاءِ مجبور ڪندو آهي.

سونو : بابا.... اِهي ٻئي اَسان جي اندر ۾ ويهي وڙهندا آهن ڇا؟
(سڀ کلن ٿا)

بابا : اِن ۾ کلڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي. اِها بلڪل سچي ڳالهہ آهي.

رام : بابا! توهان ڏهن سِسين جي باري ۾ ڇا ٻڌائي رهيا هئا؟

گوپال : تہ ڇا بابا، راوڻ کي ڏهہ سِسيون هيون؟

بابا : ڳالهہ سورهن آنا سچي! اِن ڪري هر قدم، اَسان کي سوچي سمجهي هلڻو آهي. هر سال اَسان کي دسهڙي جي ڏينهن تي راوڻ جلائڻو تو پوي، اِن جو مکيہ مقصد اِهو ئي آهي تہ راوڻ جو بارود ڀريل پتلو نہ، پر اَسان جي اندر ۾ وينل راڪشسي ويچارن، اَوگڻن، برين عادتن ۽ وڪارن کي ڪڍي سدائين لاءِ ختم ڪرڻو آهي.

سونو : بابا! اِهو ڪيئن؟

بابا : هر سال ”دسهڙي“ جي ڏينهن اَسان کي پنهنجن وڪارن کي دور ڪرڻ گهرجي ۽ سڄو سال اِن ڳالهہ تي هلت بہ هلڻي آهي....

گوپال : پوءِ بابا....

بابا : اَڄ دسهڙو آهي. اَچو تہ اَسان سڀ پنهنجا-پنهنجا دوش ڏسون، پنهنجا اَوگڻ ۽ وڪار ڪڍي، اُنهن کي سدائين لاءِ ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيون.

نارائڻ : بابا! اِهو ڪبو ڪيئن؟

بابا : نارائڻ! تو ۾ جيڪي خراب ڳالهيون آهن، سي شايد توکي خبر نہ هجن، پر هي تنهنجا دوست ٻڌائيندا.... پر ڏس.... تون ڪاوڙ نہ ڪج!

نارائڻ : ۽ بابا، جي ڪاوڙ اَچي وڃي تہ!؟

بابا : تہ بہ روڪي ڇڏج، اُن تي قابو ڪج!

نارائڻ : ۽ جيڪڏهن هي سڀ ڪوڙ ڳالهائين تہ....؟

بابا : ڪوڙ ڪوبہ نہ ڳالهائيندو! پر ها، اَسان جو من اِن ڳالهہ کي مڃڻ کان اِنڪار ڪندو، ڇو جو اِن جي مٿان گهمنڊ جي چادر ويڙهيل آهي. سو ٻارو هاڻي توهان اِهي سڀ ڳالهيون ٻڌايو، جيڪي نارائڻ جون توهان کي نہ وڻنديون هجن.

رام : بابا! پهريون مان ٿو ٻڌايان....

بابا : ها پائي.... پهريون تون ئي ٻڌاءِ....

رام : بابا! اَسان گڏ ناشتو ڪائيندا آهيون نہ، تہ هي پنهنجي حصي ۾ ڏاڍو ڪٽندو آهي! اَسان کي ٿورو ڏيندو آهي.... تنهن ڏينهن بہ، نارائڻ جي پپا، نارائڻ کي چاڪليٽ ڏنا تہ سڀ ورهائي ڪائو، تہ بہ اَسان کي ٻہ-ٻہ ڏنائين ۽ باقي سڀ پاڻ ڪائي ويو.

بابا : ها! اِها آهي لالچ! يعني، نارائڻ ۾ هڪ تہ لالچ جو وڪار آهي.

سونو : بابا! مان ٿو ٻڌايان.... نارائڻ جي هڪ عادت....

بابا : ها.... ها.... تون بہ ٻڌاءِ....

سونو : بابا! نارائڻ تہ اِسڪول جا ڪم بہ نہ ڪري ايندو آهي! روز، ماسترن جا دڙڪا ڪائيندو آهي ۽ اِمتحان ۾ بہ لاچار پاس ٿيندو آهي....

بابا : يعني تہ نارائڻ پڙهڻ ۾ من نہ لڳائيندو آهي....

نارائڻ : بابا! مونکان پڙهڻ جو ڪم پڄندو ئي ڪونہ آهي!

بابا : تہ توکي ڇا وڻندو آهي....؟

Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad-382340. India. Tele. (079)22805454


نارائڻ : بس...! جيڪر... اِسڪول هجي ئي نه... صبح جو آرام سان ننڊ مان اُٿون... کائون پيئون... دوستن سان موڄ مستي ڪيون... بس!

بابا : ها، اِهو آهي آلس. آلس يعني سُستي! جيڪڏهن تون ڪجهه به ڪم نه ڪندين، ته دنيا ۾ اوچو ڪيئن ايندين؟ اِن ڪري آلس ڪرڻ نه گهرجي، ڪنهن به ڪم کان منهن موڙڻ نه گهرجي! محنت ڪرڻ گهرجي. چوندا آهن، ''همتي مردان، مددي خدا!'' محنت ڪندڙ کي ڀڳوان به مدد ڪندو آهي!

رام : بابا! هاڻ منهنجون... بريون عادتون پڇو نه...

بابا : شاباس رام! شاباس! ڏسو، نارائڻ پنهنجيون خاميون ٻڌي ٻه، پنهنجي غصي کي قابوءَ ۾ رکيو. رام! تون به اِئين ڪج!

رام : ها بابا... مان بلڪل غصي نه ٿيندس... اَڄ ته مان پنهنجي اندر وينل راڪوڻ کي ماري ئي رهندس...

بابا : شاباس رام! (ٻين ٻارن ڏانهن مخاطب ٿي) ته ٻارو، هاڻ رام جون بريون عادتون ٻڌايو...

گوپال : بابا! رام، ڪلاس ۾ پهريون نمبر ايندو آهي...

بابا : (وچ ۾ ڪٽيندي) اِها ته تمام سٺي ڳالهه آهي!

گوپال : پر بابا! اِن ڪري هن کي پنهنجو پاڻ تي ڏاڍو گهمنڊ آهي... هر ڳالهه تي ڌمڪي... هر ڳالهه تي غصو ڪري ڪٽي ڪري ڇڏيندو آهي...

بابا : ها... اِهو آهي غرور-گهمنڊ ڪرڻ... راڪوڻ کي به پنهنجو پاڻ تي ڏاڍو گهمنڊ هو، ته مون جهڙو شڪتيشالي ٻيو ڪوبه نه آهي... پر آخر ۾ اِن جو گهمنڊ، چڪناچور ٿي ويو! سو پٽ رام! پاڻ تي گهمنڊ ڪڏهن به نه ڪرڻ گهرجي، ۽ پٽ! وديا ته هڪ اَهڙي شيءِ آهي، جيڪا ورهائڻ سان پاڻ وڌندي آهي! سو، تو جهڙي ودياوان کي ته، ٿورو به گهمنڊ نه ڪرڻ گهرجي!

گوپال : بابا!... سونوءَ جون ڳالهيون ٻڌايانوَ...؟

بابا : ها... ها... سونوءَ جون به ته برايون دور ڪرڻيون آهن نه...ڪيئن سونو؟

سونو : ها بابا! مان به سنو ٿيڻ ٿو چاهيان...

گوپال : ڏس سونو، پوءِ ٻاهر نڪري مارجئين نه...

سونو : نه... نه... ڪڏهن به نه ماريندومئن... اَڄ ته منهنجون اکيون کليون آهن...

گوپال : بابا! سونو به ڏاڍو آلسي اَٿوَ...

بابا : (وچ ۾ ئي ڪٽيندي) اِها ڳالهه ته سورهن آنا سچي آهي! اَڄ به سونو، صبح جو نوين بجي اُٿيو آهي!

سونو : بابا! مان واعدو ٿو ڪريان... ته هاڻ کان مان روز صبح جو سوير اُٿندم ۽ ڪڏهن به آلس نه ڪندس...

(سڀ ٻار تاڙيون وڄائن ٿا)

بابا : شاباس! سونو شاباس!

نارائڻ : بابا! سونو وڙهندو به ڏاڍو آهي! هر ڳالهه تي ضد ڪندو آهي!

بابا : اِهو آهي، هَٺ ڪرڻ! هَٺ ڪرڻ تمام خراب ڳالهه آهي، اِن ڪري سونو پٽ! ڪڏهن به هَٺ يعني ضد نه ڪندو ڪر!

گوپال : بابا! سونو ته هر ڳالهه تي سامهون جواب به ڏيندو آهي ۽ اِن ڪري ڪيترا دفعا ته مار به کاڌي اَٿئين...

سونو : بابا! مان اَڄ قسم ٿو کڻان، ته ڪڏهن به ضد نه ڪندس ۽ ڪنهن کي به سامهون جواب نه ڏيندس.

گوپال : ڏسنداسين...

بابا : بلڪل صحيح! جيڪو چئو، ته اِن ڳالهه تي عمل ضرور ڪجو... پر هڪڙي ڳالهه ته ٻڌايو...

سڀ‌ٻار: ڪهڙي بابا؟

بابا : رام ته بلڪل مٺ ڪري وينو آهي، نه ڪنهن جي ڳلا ٿو ڪري، نه ڪنهن جي دانهن...

رام : بابا! ٻين جون ڳلائون ڪرڻ به ته خراب عادت آهي نه...

بابا : واهه رام واهه! لک رپئي جي ڳالهه ڪئي اَٿئي! ٻين جون ڳلائون، ڪڏهن به نه ڪرڻ گهرجن...

نارائڻ : ها بابا! اَڄ اَسان اِهو به سکياسين، ته ڪڏهن به ڪنهن جي ڳلا نه ڪجي.

بابا : ته... باقي رهيو گوپال... هاڻ توهان سڀ گوپال جون ڳالهيون ٻڌايو...

(سڀ چُپ ٿي وڃن ٿا)

(ٿوري دير جي شانتيءَ بعد)

بابا : اَڙي ٻائي! سڀ ماٺ چو ٿي ويا؟

رام : بابا! گوپال جي هاڻ ڪوبه ڳلا نه ڪندو...

بابا : پر ٻائي... اَڄ ته اَسان گوپال جي سڌاري لاءِ ڳالهه ڪري رهيا آهيون نه...، اَڄ توهان کي پوري چوٽ آهي.

نارائڻ : نه بابا... گوپال جي هڪ ڏاڍي بري عادت آهي... اَسين ڪونه ٻڌائينداسين...

رام : ها بابا! اُها ڳالهه ٻڌائڻ ۾ به اَسان کي شرم ٿو اَچي...

بابا : پر ٻائي... جيسين توهان ٻڌائيندوَ نه... تيسين گوپال، سڌرندو ڪيئن... پنهنجي اُها عادت مٽائيندو ڪيئن؟

سونو : بابا! مان ٿو توهان کي ٻڌايان...

بابا : چڱو! تون ئي ٻڌاءِ ٻائي سونو...

سونو : بابا! گوپال آهي نه... سڄو ڏينهن ڇوڪرين جون ڳالهيون ڪندو آهي، سڄو ڏينهن ڇوڪرين ڏانهن تڪيندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته مستي به ڪندو آهي...

رام : بابا! گوپال گنديون-گنديون گاريون بہ ڏيندو آهي!

گوپال : ها بابا! مان اِها ڳالھہ قبول ڪريان ٿو. اِها بري عادت مون ۾ آهي....

بابا : (وچم) تہ پوءِ، هاڻ تنهنجو ڇا ويچار آهي؟

گوپال : بابا! اَڄ مان قسم ٿو کڻان تہ، ”اَڄ کان مان ڪڏهن بہ گاريون نہ ڏيندس ۽ ڪنهن بہ ڇوڪريءَ ڏانهن بري نظر سان نہ ڏسندس.“

بابا : ڏسو ٻارو! اَڄ توهان ئي پنهنجو پاڻ سمجهي ويا، تہ ڪهڙيون ڳالهيون سٺيون آهن ۽ ڪهڙيون بُريون.... ڪهڙيون ڪرڻ گهرجن.... ۽ ڪهڙيون نہ.

سونو : ها بابا، اَڄ اَسان سڀ سمجهي وياسين....

رام : ها بابا! هاڻ اَسان بہ اِنهن سڀني وڪارن کان بچي رهنداسين....

نارائڻ : ۽ پنهنجي اَندر ويٺل راڪشس کي ماري ڪيدنداسين....

بابا : چڱو، هاڻي هڪ دفعو وري ٻڌايو تہ توهان پنهنجي اَندر مان ڪهڙي ڪهڙي رانوڻ کي ماري ڪيدندا؟

سونو : ڪڏهن بہ آلس نہ ڪنداسين....

رام : پنهنجو پاڻ تي ڪڏهن بہ گهمنڊ نہ ڪنداسين....

گوپال : ڪڏهن بہ گار گند نہ ڪيدنداسين....

نارائڻ : ڪڏهن بہ لوڀ-لالچ نہ ڪنداسين....

سونو : ڪروڌ نہ ڪنداسين....

گوپال : ڇوڪرين کي بري نظرن سان نہ ڏسنداسين....

رام : ڀين جون گلائون ڪڏهن نہ ڪنداسين....

نارائڻ : ڀين جي چوڻ تي، جلد نہ پڙڪنداسين....

رام : هر ڳالھہ کي سوچي سمجهي ڪنداسين....

سونو : ڪنهن بہ ڳالھہ تي ضد نہ ڪنداسين....

گوپال : وڏن کي سامهون جواب نہ ڏينداسين....

بابا : واهہ! ٻارو واهہ! شاباس! جيڪڏهن توهان اِنهن ڳالهين جو پالن ڪندا، وڏن جي چئي تي هلندا، تہ سدائين آسيسون کٽندا ۽ دنيا ۾ خوب ترقي ڪندا. پنهنجو ۽ مائٽن جو نالو روشن ڪندا.

رام : بابا! اَڄ تہ توهان اَسان جا ڪپاٽ ئي کولي ڇڏيوَ.... خوب سٺيون ڳالهيون سيکاريوَ....

گوپال : ۽.... ٽيسٽي دال پڪوان بہ کارايوَ....

(سڀ کلن ٿا)

بابا : چڱو، هاڻ سڀ گڏجي مسجي رانديون ڪريو، وري شام جو گڏجي هلنداسين....

سڀ ٻار : رانوڻ جلائڻ....

(سڀ ٺهڪ ڏين ٿا- پڙدو ڪري ٿو)